# موتي ۽ مُکڙيون

(ٻارن لاءِ شاعري)

از:

خليل عارف سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون | ڊسمبر 2010ع | تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت
کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم
شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ستر رپيا
(Price: 70-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو
ڇپيو ۽ سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

’ٻار‘ مستقبل جو معمار آهي، جو ته مستقبل جون سموريون رٿائون ۽ ذميواريون ”ٻار“ جي امنگن سان ئي مشروط ٿين ٿيون، اڄ جو ٻار جيترو وڌيڪ ذهين، سگهارو ۽ باشعور هوندو، قوم جو آئيندو به ايتروئي شاندار ٿي سگهندو. دنيا جون صحتمند ۽ روشن دماغ قومون پنهنجي ٻارڙن جي بهتر تربيت، پالنا ۽ تحفظ لاءِ فڪرمند هونديون آهن ۽ سچ اهو آهي ته بهتر تربيت، پالنا ۽ فڪري توڙي شعوري سگهه لاءِ ادب نمايان ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ ان ڳالهه کي آڏو رکندي سنڌي ادبي بورڊ شروع کان وٺي ٻارن جي لاءِ ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪندو رهي ٿو، هي ڪتاب پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جو واحد علمي ۽ ادبي ادارو آهي، جنهن جي مکيه ذميوارين مان هڪ ذميواري اها به آهي، ته اُهو پنهنجي ٻولي ۾ ٻارڙن، عورتن ۽ مردن لاءِ علمي، ادبي، ثقافتي، تاريخي، تفريحي ۽ معلوماتي ڪتاب، رسالا ڇپرائي. هيءُ ڪتاب ”موتي ۽ مُڪڙيون“ به ان ساڳي سوچ جي ڪڙي آهي. هيءُ شاعريءَ جو مجموعو ٻارڙن لاءِ خصوصي طرح سائنس، ادب ۽ تفريح جو سامان مهيا ڪري ٿو.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته: ”شاعري فلسفي کان وڌيڪ ڳوڙهي ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق ڏيندڙ هوندي آهي.“ ساڳي ڳالهه کي نظر ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو ته: نظم ۽ شعر ۾ چيل ڳوڙهيون ڳالهيون، ٻارن کي وڌيڪ سمجهه ٻڌائڻ لاءِ تاريخ جي اهم سبقن وانگر هونديون آهن، اهي سبق ٻارن کي جلد ياد ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ جو نظم جي لئي ڪچڙن ذهنن ۾ ڦرندڙ موسيقي جي سنگم سان سندن اندر جي تختيءَ تي چٽائيءَ سان اُڪرجي پوندي آهي.

محترم خليل عارف سومري جي ٻاراڻي شاعريءَ جي هن مجموعي ۾ ٻارن لاءِ ڪيترائي خوبصورت ۽ باتصوير حمد، نعت، نظم ۽ گيت ڏنا ويا آهن، جن ۾ نصيحت ڀريا نُڪتا ۽ ٻيءَ سائنسي ۽ تفريحي معلومات پڻ موجود آهي.

اميد ته نظمن ۽ گيتن ڪي پڙهڻ سان نه صرف ٻارن جي ڄاڻ ۽ شعور ۾ واڌارو ايندو، پر ڪين هيءُ ڪتاب بورڊ جي ٻين ڪتابن وانگر پسند ايندو.

17- جون 2010ع
بمطابق 4- رجب المرجب 1431هه
ڄام شورو، سنڌ

پروفيسر سيد زوار نقوي
سيڪريٽري

# نالي

فقير صِفت اِنسانَ
اڪبر لغاريءَ جي،
ٻن گُلن
صوفيه ۽ زرياب
جي نالي.

**خليل عارف سومرو**

# پنهنجي پاران

سنڌ ۾ ٻارن لاءِ ادب تمام گھٽ لکيو وڃي ٿو، جيڪا ڳالھہ مستقبل لاءِ هاڃيڪار آهي.

آءٌ 1978ع کان ٻارن لاءِ لکان پيو ۽ مون کي خوشيءَ سان گڏ فخر آهي تہ ٻارن لاءِ لکان پيو. ٻارن لاءِ ڪيل شاعري جو هِڪ ڪتاب ”مهڪار“ 1985ع ۾ ڇپيو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل منهنجو اِهو ڪتاب ٻارن ۾ ايترو تہ مقبول ويو جو سنڌي ادبي بورڊ کي اُن جا وڌيڪ ٽي ڇاپا شايع ڪرڻا پيا. اها ڳالھہ مون لاءِ ڪنهن اعزاز کان گھٽ نہ آهي 1992ع ۾ ان ڪتاب کي مُحمود پبلشرز ڪراچي طرفان ٻارن جي بهترين ڪتاب جو ايوارڊ ڏنو ويو. جيڪو مون ان وقت سنڌ جي وزير اعليٰ مظفر شاھ هٿان وصول ڪيو.

”موتي ۽ مڪڙيون“ ٻارن لاءِ شاعري جو ٻيو ڪتاب آهي جيڪو پڻ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي رهيو آهي، مون کي خوشيءَ سان گڏ اِها اميد بہ آهي تہ منهنجو هيءُ ڪتاب بہ ٻارن جي علم ۾ اضافو ڪندو.

**خليل عارف سومرو**
خيال نگر جوهي
ضلع دادو سنڌ

# ٻارن جو بهترين شاعر: خليل عارف سومرو

سائين احمد خان مدهوش جي جُهوپڙيءَ ۾ جنم وٺندڙ شاعر ابن الشاعر خِليل عارف سومرو باصلاحيت نثر نويس ۽ شاعر آهي. شاعريءَ کي ڇمار ڏيندڙ هِن شاعر شاعريءَ جي شروعات ننڍپڻ ۾ ٻارن لاءِ شاعريءَ سان ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ خاص طور گيت ۽ غزل احساس کي ڇُهندڙ هوندا آهن. خليل عارف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل عام ۽ سادي سلوڻي ٻوليءَ ۾ موجود تخليقي عنصر کيس بهترين شاعر جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي. سندس شاعريءَ ۾ شامل رنگين احساس پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي احساسن کي ٻه رنگين ٻٽائي ڇڏن ٿا.

سندس شاعري ۾ موزونيت ۽ موسيقيت ٻه مڪمل نظر ايندي آهي.

خليل عارف جي ٻارن جي لاءِ ڪيل شاعري گهڻي مقبوليت ماڻي آهي. ان جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو ته سال-1985ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ڇپايل سندس شاعري جي مجموعي ”مهڪار“ جا هيل تائين چار ڇاپا مارڪيٽ ۾ اچي چُڪا آهن جڏهن ته پاڪستان سطح تي مختلف ٻولين ۾ ٻارن لاءِ تخليقي ادب تي محمود پبلشرز ڪراچي پاران سال 1992ع ۾ ايوارڊ ڏنا ويا هئا. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ بهترين شاعريءَ جو ايوارڊ سندس مجموعي ”مهڪار“ کي ڏنو ويو هو.

ٻارن لاءِ ڪيل سنڌس شاعريءَ جي بهترين خوبي اها بہ آهي جو، هن ٻار جي سمجهہ، سوچ ، ذهني سطح ۽ سنڌن ٻوليءَ کي ذهن ۾ رکي شاعري ڪئي آهي. سنڌس ٻارن لاءِ ڪيل شاعريءَ جي مقبوليت جو راز پڻ سنڌس انهيءَ ڏانءُ جي پلئہ پيل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ ٻارن لاءِ ڪيل سنڌس شاعري جو ٻيو مجموعو ڇپرائي رهيو آهي جيڪا نہ صرف خوش آئندهہ ڳالهہ آهي پر سنڌس شاعريءَ جي قبوليت ۽ سُٺي سنوڻ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي. هن سان نہ رڳو ٻارن کي نوان نڪور ۽ خوبصورت نظم ۽ گيت پڙهڻ لاءِ ملندا پر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ تخليقي ادب جي اٽاٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ مثبت وک پڻ هوندي.

**عزيز ڪنگراڻي**
گورنمينٽ ڪاليج جوهي

17- فيبروري 2009ع



# حمد

مالڪ سائين عرض اگهايو،
ٻيڙا مُنهن جا پار پڄايو.

علم پرايان عزت پايان،
لکڻ پڙهڻ سان شوق وَڌايو.

نيڪي جي ڪم ڏي لاڙو ٿئي،
مون ۾ اهڙي سمجهه سَمايو.

آءُ سدائين سچ ڳالهايان،
اهڙي ڪا هِمَت جاڳايو.

ڌرتي جو خدمت گار ٿِيان،
مون کي اهڙي واٽ هَلايو.

منهنجو سهڻو ڪردار هجي،
مون کي گُلن وانگي مَهڪايو.

**عارف**، سالڪ، ڏاهو بڻجان،
منهن جي نالي کي جَرڪايو.



# نعت

پيارا پيارا پاڻ سڳورا،
سڀ جا سهارا پاڻ سڳورا.

شان به اعليٰ، مانُ به اعليٰ،
عظمت وارا پاڻ سڳورا.

ساري عالم لاءِ رحمت،
جيءُ جيارا پاڻ سڳورا.

اِسم به نوري جسم به نُوري،
پاڪ پلارا پاڻ سڳورا.

**عارف** ڪهڙيون خوبيون لکجن،
سُهڻا سارا پاڻ سڳورا.

# نعت شريف

انسان ٻڌائيندو ڇا شان مُحَمَّد جو،
بس شان ٻُڌايو آ قرآن مُحَمَّد جو.

هُو پنهنجي شفاعت سان محشر ۾ ڇڏائيندو،
تو ڪير سگهي لاهي اِحسان مُحَمَّد جو.

صورت بہ صفا سُهڻي، سيرت بہ صفا سُهڻي،
نالو بہ سچو آهي سُرهاڻ مُحَمَّد جو.

روضو تہ ڏسڻ ۾ ئي، هِڪ نوري نظارو آ،
پيو نور جيئان جَرڪي، ايوان مُحَمَّد جو.

پيو روز غلامي ڏئي ۽ روز سلامي ڏئي،
اي ڪاش ٿئي **عارف**، دربانُ مُحَمَّد جو.

# علي عليہ السلام

اها ڳالهہ ڏاڍي ڀَلي ڪان ڀلي آ،
علي وارا آهيون اسان جو علي آ.

خدا جو چَون شير جنهن کي سَڏيئي ٿا،
امامن جو آقا وَلين جو ولي آ.

علي رهنما آ ۽ مشڪل ڪشا آ،
علي ڪانسواءِ ٻي نہ ڪا ئي ڳلي آ.

علي گهر خدا جي هو ڪعبي ۾ ڄايو،
شهادت بہ مَسجِد ۾ جنهن کي ملي آ.

اچي ڪائي مشڪل تہ نادِ علي پڙهہ،
علي کي سڏڻ سان مُصيبت ٽلي آ.

علي عُمر ساري عبادت ۾ گهاري،
علي وارو ٿي تون بہ مسجد هلي آ.

اسان کي ڪو عارف ڀُلائي نہ سگهندو،
اسان پاڪ پنجتن جي دامن جَهلي آ.



# حُسين عليہ السلام

جاڻي نہ ڪوئي سگھندو حقيقت حُسينؑ جي،
آهي اتم جهانَ ۾ عظمت حُسينؑ جي.

ريسُون وڏيون وڏيون تي فرشتا ڪرڻ لڳا،
جنهن ويل هي ڏنائون شجاعت حُسينؑ جي.

ررح خليل ڪي ۽ ناني، جي دين ڪي،
لاتو آ ڪيڏو رنگ شهادت حُسينؑ جي.

ميدانِ ڪربلا جي ڪوسي زمينَ تي،
لاشن جي درميان تي عبادت حُسينؑ جي.

دُنيا هجي يا عقبيٰ اي **عارف** يقين ڪر،
هر دو جَهانَ تي آ عِنايت حُسينؑ جي.

# نماز

نماز الله جي عبادت آهي،
جيڪا ڏيندي راحت آهي.

جنهن کي نماز جي عادت آهي،
اُن جي جت ڪِٿ عزت آهي.

ادڙا ادڙي منهنجو عرض آ،
نماز سڀني تي هڪڙو فرض آ.

ٻارو دين جا پنج رُڪن،
جن مان هڪ نماز ٿَون.

اهو قول ٻه آهي سچو،
نماز دين جو آهي ٿنڀو.

ٻين رُڪنن ۾ هڪ آ ڪلمو،
حج زڪوات ۽ ٽيون آ روزو.

ڳالهه نماز جي پاڻ ڪيون پيا،
تيسين پڙهون پيا جيسين جيئون پيا.

پنج وقت ڏينهن ۾ پڙهڻي آهي،
ڇا به ٿئي پر ڇڏڻي ناهي.

ها پر نماز ڪان اڳ ۾ چاهي،
اڇو اُجرو ٽيٽو آهي.

ڪپڙا ڏوتل پوتل پهري،
اڳ نماز ڪان وَضو ساريو.

نماز جماعت ساڻ سُني آ،
مالڪ سائين کي ته منٿي آ،

رهجي جماعت ڪان جي وَيجي،
پوءِ اڪيلي سِر ئي پڙهجي.

پنجئي وقت الڳ رڪعتون،
ربَّ جي طرفان چڻ سوغاتون.

پيارا بارو پڙهڻ آ لازم،
ڪعبي ڏي منهن ڪرڻ آ لازم.

گوڏن تي هَٿ ڪبو جُهڪبو،
اُن کي آهي رڪوع چئبو.

نرڙ زمين تي رکبو آهي،
بارو اهو سجدو آهي.

چنڊ جيئان پيشاني مهڪي،
نماز بُراين کان پڻ روڪي.

هي جنت جي ڪنجي آهي،
جنهن سان جنت ملندي آهي.

ڪوشش ڪَرِيو سُنِي تيڻ جي،
عادت ڌاريو نماز پڙهڻ جي.

ٻارو جيڪو نمازي ٿيندو،
الله اُن تي، راضي ٿيندو.

**عارف** جيڪو نماز پڙهندو،
صحت مند ۽ خوش خوش رهندو.





# جيجل ماءُ

رحمت آهي جيجل ماءُ،
شفقت آهي جيجل ماءُ.
ماءُ جي پيرن هيٺان جَنت،
جنت آهي جيجل ماءُ.
گهر جي چانڻ ۽ دَر دُعا جو،
نعمت آهي جيجل ماءُ.
ماءُ جي دم سان گهر جي رونق،
برڪت آهي جيجل ماءُ.
ماڻهوءَ جي عزت شان شوڪت،
عظمت آهي جيجل ماءُ.
پيار مُحبت جو سَرَ چشمو،
چاهت آهي جيجل ماءُ.
روح، جگر، ۽ دل جي **عارف**،
فرحت آهي جيجل ماءُ.

# مادو

ٻارو ھي جو مادو آھي،
مادو ڇا کي چئبو آھي.
اھڙي شيءِ جا وَزن رکي ٿي،
جاءِ بہ والاري سگھي ٿي.
ان کي مادو چوندا آھن،
ان کي مادو لکندا آھن.
ھن جا ٽي، ٽي اِسم بہ آھن،
ھن جا ٽي، ٽي قسم بہ آھن.
ٺھرو، پَنَڙو ۽ ٽيون گئس،
ائين سُجاڻي ھر کو کيس.
مٽي، پٿر ٺھري شيءِ آ،
کير ۽ پاڻي پنڙي شيءِ آ.
واءُ جنھن کي کو نہ ڏسون ٿا،
ان کي ٻارو گئس چئون ٿا.
ھرڪا مادي جي حالت آ،
**عارف** جنھن کي طاقت آ.



# بادل

اَچا کارا بادل آيا،
مينهن وَسڻ جا آهن سعيا.
رِم جهم رم جهم لاتي آگم،
ڪنويڙن ڏاڍا کيل رچايا.
آئي مُند مَلهاري آهي،
ٻارن گيت خُوشي جا ڳايا.
ڌرتي ساوا ويس ڍڪيندي،
ٻُوندن آهن سُک بَرسايا.
گرمي مان ڇُٽڪار جو ٿي وئي،
ٻارن گَڏجي نعرا لڳايا.
پوکُون ڦُٽنديون گُلڙا ڦُٽندا،
**عارف** ٿيندا لايا سجايا.

# انڊلٺ

انڊلٺ ڪيڏي پياري آهي،
سَتن رنگن واري آهي.
مينهن وسائڻ ڪانپوءِ هي،
اُپ تي رَبَّ بيهاري آهي.
هن کي قوس قزح بہ چئجي،
نالي ۾ ئي نياري آهي.
ڳَڳَرن جي پَر ۾ بيٺل هي،
سونهن سراسر ساري آهي.
رنگن روُپن مَنجهہ نرالي،
**عارف** سُهڻي ساري آهي.



# ٻار مُکڙيون، ٻار تارا

ٻار مُکڙيون ٻار تارا،
ڪيڏا سُهڻا ڪيڏا پيارا.
سونهن جَن جي چنڊ جهڙي،
خوبصورتِ رُوپ وارا.
سانورا سنهڙا سَڀاجها،
سڀ وڻن تا پُورا ڪارا.
ڪيڏا دل کي وڻندا آهن،
منڙا منڙا ۽ موچارا.
تا ڪِلن ڄت گُل ٽڙن اُت،
ٻول جن جا ماکي ڌارا.
سُونهن سنڌ جي تا وَڏائن،
ٻار اجرڪ ٽوپي وارا.
تا وڻن **عارف** هِنن جي،
راند جا سارا نظارا.



# انب

ڪي ساوا ڪي ڦڪڙا اَنب،
بارو آهن مِنڻا اَنب.
گرمي جو هي تحفو آهن،
سُهڻا سُنهري سُنڙا اَنب.
ننڍڙيون ادڙيون شوق سان ڪائن،
ڪائن چاهه مان اَدڙا انب.
پَت ۽ ماني سان ڪاڄن تا،
ماکي مِصري جِهڙا انب.
سنڌڙي چؤنسو لنگڙو ۽ ٻيا،
قِسمين قسمين ڪهڙا انب.
ميوو پي ۽ ڪاڏو پي هي،
**عارف** آهن اهڙا انب.



# ٻارن لئہ

ٻارن لئہ پيو لکندس گيت،
جي اکرن کي ناهي لکندا،
علم ادب سان چاهت رکندا.
تن جي آخر ٿيندي جيت،
جي محنت سان پڙهندا آهن،
سي سڀ ڪنهن کي وڻندا آهن.
هر ڪنهن جي ٿن ساڻ پريت،
جيڪي ڪمپيوٽر کي سِکندا،
سائِنس ۾ اڳتي وَڌندا.
نالو ڪَڍندا اهڙي ريت،
اُوندهہ مَنجهہ اُجالا ٿيندا،
**عارف** خوب نرالا ٿيندا.
ڪنهن سان رکندا ڪين ڪُريت.
تن ٻارن لئہ لکندس گيت،
ٻارن لئہ پيو لکندس گيت.

## روبوٽ

سائنس ٺاهيو آ روبوٽ،
اُن کي هلائڻ لاءِ رموٽ.
هن کي چون ٿا مشيني ماڻهو،
هن کي پاتل لوهو ڪوٽ.
بٽڻ دٻائڻ سان هي ٻارو،
ساڄي کاٻي ڪائي موٽ.
ماڻهن وانگي ڪم ڪري ٿو،
هن ۾ ڪانهي ڪائي کوٽ.
گول مَٿول پيُون چَمڪاڪن ٽيون،
اکڙيون هن جون ڄڻ اکروٽ.
**عارف** هِن کي ٺاهڻ جي لئہ،
خرچ اچن هيڪاندا نوٽ.



## لاوارث ٻالڪ

هن لاوارث ٻالڪ جي آ،
سر تي ڪنهن جو سايو ڪو نہ.
هو جو تڙ پيو، سُڏڪيو ڦتڪيو،
تنهن کي ڪنهن پرچايو ڪو نہ.
هن هر ڪنهن آڏو هٿ ٽنگيو،
هن سان ڪنهن ڳالهايو ڪونہ.
جيڪو ڪم هر ڪنهن جي آيو،
تنهن سان ڪنهن بہ نڀايو ڪونہ،
علم وڏي نعمت آهي،
هن کي ڪنهن سَمجهايو ڪونہ،
هيڪاندن اسڪولن هَوندي،
هن کي ڪنهن بہ پڙهايو، ڪو نہ.
هن جي هيٺي حال تي **عارف**،
ڪنهن کي رحم بہ آيو ڪونہ.



# ٻالڪ

منهنجي ديس جا پيارا ٻالڪ،
ٽوپي اجرڪ وارا ٻالڪ.
ننڍڙا وڏڙا مُکڙيون گُلڙا،
منڙا ۽ موچارا ٻالڪ.
ماءُ پيءُ جا ساهه سيباڻا،
اکڙين جا هَنِ تارا ٻالڪ.
شوق رکي ٿا علم پرائن،
ڪيڏا آهن نيارا ٻالڪ.
مون کي سَيئي لڳندا آهن،
**عارف** جيءُ جيارا ٻالڪ.



# ٻارو

ٻارو ڏاڍي آ مٺي،
ديس پنهنجي جي مِٽي.
سڀ رهو اِتحاد سان،
ڪينَ ڪَرَيو ڪا ڪِٽي.
علم آهي روشني،
هي حقيقت آ چِٽي.
پيار کان وڌ چيز ڪا،
مُون نہ جڳ ۾ آ ڏِٺي.
جُهومي ڳايو ٻارڙؤ،
گيت سَچ جا هر گهڙي،
جي ڌا محنت کان ڀَڄن،
تن جي **عارف** آ ڦِٽي.

## چورو ٻار

چورو ڇنو ٻار،
ٻُکيئي پيٽ سُمهي پيو.
ڪاتي لنگهڻ ڪالهہ ڪان،
روئي زارو زار،
ٻُکيئي پيٽ سُمهي پيو.
هيڪل هُو فوٽ پاٿ تي،
جيون ڪان بيزار،
ٻُکيئي پيٽ سُمهي پيو.
ليڙُون لِيڙون اُتس لَٽا،
اُٽيا اُٽيا وار
ٻُکيئي پيٽ سُمهي پيو.
**عارف** ٻَلي آسرو،
ابهم آخرڪار،
ٻُکيئي، پيٽ سُمهي پيو.



# ڪاپي

محنت ۾ آ مانُ،

ڪاپي چاجي لئہ ڪيان.

علم وَڌائي ڄاڻ تو،

پَڙهان ڏئي ڌيانَ،

ڪاپي چا جي لئہ ڪيان.

ڪاپي آهي، ڪينسر،

اهليت وَڌندي ڪانہَ،

ڪاپي چا جي لئہ ڪيان.

مِحنت تي جن پاڙيو،

اهُي ئي اِنسانَ،

ڪاپي چا جي لئہ ڪيان.

سَمجهہ وارن لئہ منزلُون،

**عارف** تين آسانَ،

ڪاپي چا جي لئہ ڪيان.



## قلم

لفظ ۽ جُملا سجائي ٿو قلم،
رنگ دنيا ۾ رچائي ٿو قلم.
حرف، ٽُبڪا، زيرون زَبرون پيش ۽،
لفظ تي شَدمَد لڳائي ٿو قلم.
مِحنتن سان موتي داڻا ٿا ٿين،
سُهڻو اکرن کي بڻائي ٿو قلم.
علم لاءِ هي وڏو هٿيار آ،
ڪارناما پيو ڪرائي ٿو قلم.
گيت مان هن جي مدد سان ٿو لِکان،
فائدو ڪيڏو رسائي ٿو قلم.
هي تکو تلوار کان سڏجي سدا،
پنهنجي نالي کي مَلهائي ٿو قلم.
هيءُ جبلن کان گهڻو مضبوط آ،
سڀ کان طاقت وَر سڏائي ٿو قلم.
هي پکيڙي عَلم جو ٿو سوجهرو،
ڪوٽ اوندهه جا ڪيرائي ٿو قلم.
جيڪو **عارف** پيار هن سان ٿو ڪري،
اُن جي عزت کي وڌائي ٿو قلم.



## پوپٽ ۽ گُل

گُل تي پوپٽ آيو،
منظر دلِ کي ڀايو.
گل ۽ پوپٽ پيارا،
رنگن رُوپن وارا.
گُل جون پتڙيون نازڪ،
پوپٽ جا پرَ نازڪ.
پوپٽ پکي ٿي اُڏري،
گل خوشبو ٿي وِکري.
گل ٻارن کي وڻندڙ،
پوپٽ سهڻو لڳندڙ.
پوپٽ گل جي ياري،
جڳ ۾ ناماچاري.
پوپٽ سوُنهن سراسر،
گل آ مهڪ برابر.
مُنهنجي هڪ ڳالهه ٻُڌو،
**عارف** سا ياد رکو.
گل کي پٽڻو ناهي،
پوپٽ ونڻو ناهي.
گُل ۽ پوپٽ مُرڪَن،
پيار ڪرڻ لئہ آهِن.



# عِلم

علم اُهو آ جاڻ جنهن ۾ تي وَڏي،
جي گُهرو حاصل ڪرڻ تا جاڻ ڪي.
خوب محنت سان پرايو علم ڪي،
سمجهه ماڻيو ڪا هِلي سُستي ڇَڏي.
شوق سان آهي پَڙهڻ ۾ مرتبو،
جو نہ پوءِ خوب محنت خود ڪَجي.
ڪاپي وارو تو رهي جَٽ بي عَقُل،
ڪاپي لعنت آ تہ جو ڪاپي ڪجي،
ٻار ڏاهو تو اُهو سَڏجي سَدا،
جيڪو محنت ساڻ دل پنهنجي رکي.
جنهن جو **عارف** پروسو محنت ۾ آ،
مِحنتن جو ڦل منو اُن کي مِلي.



## قلم مضبوط آ

اي ٻارو!
ملڪ جا معمارو!
ديس جا وارثو!
منهن جي هڪڙي ڳالهه ٻڌو،
اڳين زماني ۾ جڏهن،
زور هو تلوار جو.
تڏهن ٻہ قلم سي ڪان،
مضبوط هٿيار هو.
اڄ جڏهن ڪلاشن ڪوف آ،
بَم ۽ بارود آ،
تڏهن ٻہ سمجهي ڇڏيو.
مضبوط قلم ئي اٿئو،
قلم ڦٽي ڪينَ ڪريو،
قلم جي تِکي نوڪ سان.
جهالت کي ماري وِجهو،
انڌيرُيون ميٽي ڇَڏيو،
روشنيون آڻيو.
انصاف، امن آڻڻ لئہ،
سُک چين ماڻڻ لئہ،
شوق ڪري پڙهو لِکو.
قلم جي زور سان،
هر ڏک ختم ڪريو،
ڪليڪشن يا تلوار ڪان.
هر هِڪ هٿيار ڪان،
قلم مضبوط آ،
قلم مضبوط آ.



## گيت

چَنڊ جي چانڊوڪيَ ۾ تُنهنجي،
چاندي جهڙي جهولي ڏولي،
بُڌ مُنهنجي مِنٿڙا هي لولي.
تو کي روز دُعا ڏئي ماءُ،
ڪوسو نہ لڳئي شل ڪو واءُ،
تنهنجي دم سان سائي جهولي،
بُڌ منهنجي مِنٿڙا هي لولي.
تو تي ساري دُنيا هر ڪي،
ماءُ ڏِسيو تي مُرڪيو مُرڪي،
مُرڪي تارن جي پئي ٽولي.
بُڌ منهنجي منٿڙا هي لولي.
نيٺ تہ ٻچڙا وڏڙو ٿيندين،
ماکي کان ٻي منٺو ٿيندين،
پياري رکجان پنهنجي ٻولي،
بُڌ منهنجي منٿڙا هي لولي.
ٻاتا ٻول جڏهن ٻولين ٿو،
نازڪ نازڪ چَپ کولين ٿو،
جيءَ خوشيءَ جي ٻٽجي چولي،
بُڌ منهنجي منٿڙا هي لولي.

## چنڊ

ڏسو ڏسو اي ٻارو چنڊ،
سُهڻو چنڊ ۽ پيارو چنڊ.
تارن وَٽ ٿو چلڪي چِمڪي،
مِنڙو ۽ موچارو چنڊ.
هن کي جو تون سِج ڏئي ٿو،
پوءِ ٿو جرڪي سارو چنڊ.
ڌرتي وانگي هڪ گولو آ،
مِٽي پَٿر وارو چنڊ.
سائنس دانن سچ چيو آ،
آهي گِرهه نيارو چنڊ.
هن مان خوش ننڍڙا ۽ وڏڙا،
**عارف** جيءَ جيارو چَنڊ.



## وڻ

وَڻ خدا جي قُدرت آهن،
راحت آهن نعمت آهن.
ڪي وڻ سنهڙا ڪي وڻ ٿلهڙا،
ڪي وڻ ننڍڙا ڪي وَڻ وڏڙا.
وڻ فائدو ڏيندو آهي،
وڻ مان ڪاٺ بہ ملندو آهي.
وڻ ٽڻ ٽڏڙي ڇانوَ ڏين ٿا،
ڪيڏا وڻن مان سُک ڏين ٿا.
پکي گهرڙا وڻ ۾ ناهن،
ماڻهو ماکيون وڻ مان لاهن.
وڻ گهٽائن ٿا گد لاڻ،
وڻ مٽ پنهنجو آهن پاڻ.
ڌرتي تي هي وڻ ٽڻ سارا،
ڪيڏا سُهڻا ڪيڏا پيارا.
ڪي وڻ ميوا ڏيندا آهن،
ڪي وڻ گُل جهليندا آهن.
پَن وڻن جا ساوا ساوا،
ڪي وڻ بندرا ڪي وڻ اوچا.
**عارف** هي ڪم آهي پيارو،
وڻ ۽ بُوٽا پوکيو ٻارو.



# ڪمپيوٽر

ڪيڏي آهي سهولت ڪمپيوٽر،
اڄ جي آهي ضرورت ڪمپيوٽر.
جيڪو هن کي دل لائي سِکندو،
اُن کي ڏيندو عزت ڪمپيوٽر.
سُک سيڪاري ۽ سمجهه وڌائي،
راند جي پڻ ڏئي راحت ڪمپيوٽر.
ڪِم گهڻو ڪري وقت بچائي،
چمڪائي ٿو قسمت ڪمپيوٽر.
ٻارن جي دل ڪمپيوٽر سان آ،
ٻارن جي آ چاهت ڪمپيوٽر.
ڏهه ڏهه ماڻهن جي ڪم جي **عارف**،
رکندو آهي طاقت ڪمپيوٽر.



## نصيب

آڪاش تي سِتارا ۽ ماهتاب ٻالڪ،
ڏيندي جنم اسانجي ڌرتي گُلاب ٻالڪ.
هي ٽيڪ بي سَهارن جي دلبهار ٻالڪ،
آهن ابي امان جي دل جو قرار ٻالڪ.
ڪم ڪار ۽ پڙهڻ سان رکجو پريت ٻالڪ،
ڪٽنجو دعا امڙ جي ٿيٽي آ جيت ٻالڪ.
ڪَجو اَبي امان جو سَڀِ احترام ٻالڪ،
تن سان ادب سان ملجو ڪري سلام ٻالڪ.
چاهي امير آهيو توڙي غريب ٻالڪ،
محنت ڪري بڻايو پنهنجو نصيب ٻالڪ.
نيڪي ڪري پکيڙيو سُرهي سُگند ٻالڪ،
واه واه خليل **عارف** ٿئي هَند هَند ٻالڪ.



# لولي

لولي لولي ٻَچا، ٻُڌ اَبا لولي،
لولي منهنجي ابا کين ڀُلائِجان.
پنهنجي ٻولي سِنڌي آهي ڏاڍي مٺي،
وڏڙو ٿي تنهن کي ڦهلائجان.
هي ڌرتي بہ تنهنجي آ جيجل امڙ،
هن تي سر ڏيڻ کان بہ نہ کيٻائجان.
ٽوپي اَجرڪ ۽ پَٽڪي جي پارت هُجئي،
پنهنجي ثقافت سان نينهن نڀائجان.
دودي دريا وانگر هوشو هيمون وانگر،
اي **عارف** پنهنجو پاڻ ملهائجان.



## نظم

ڏر تتيءَ جو بِنهڻ اُس ۾،
هي ڪنهن جو ٻالڪ آهي؟!
قاتل ڪپڙن ۾ ويڙهيل،
ٻُڪ ۽ اڄُ ۾ گهيريل.
گهٽي گهٽي ۾ پيرين اگهاڙو،
پيٽ ٻُڪيئي لئه پنڪي پيو تو.
هينئر تہ سج باهہ تو اڇلي،
ڪانءُ جي اک پئي نِڪري.
۽ هي ابهم معصوم ٻالڪ،
جيڪو شايد لاوارث آ.
هر هر اُپ ڏي هٿ ڪٽي تو،
دردر تي هوُ سينَ هٽي تو.
هينئر تہ سيڪو آ آرامي،
ڪير سندس سَڏ ڪين ٻُڌي تو.
رُلندو ۽ رئندو رهي تو،
پور ڳيو ڳوليندو رهي تو.
ڏر تتيءَ جو بِنهڻ اس ۾،
هي ڪنهن جو ٻالڪ آهي.

## ڏاهاپار

سَيئي ڏاها پار سَڏايو،
محنت ڪريو ۽ سَچ ڳالهايو.
جيڪو محنت خُوب ڪري ٿو،
اُن جو بيڙو نيٺ تَري ٿو.
مِحنت مِحنت ۽ بَس مِحنت،
اُن سان اعليٰ ٿئي ٿي عظمت.
پيار مَنجهاران پڙهجو لِکجو،
علم ادب جوُن ڳالهُيون سِکجو.
جيڪو ڪين ٿو وقت وِڃائي،
سوئي سَدائين سوڀُون پائي.
**عارف** هڪڙو شاعر آهي،
گيت توهان لئہ وينو ناهي.



## سچ

سَچ چوڻ وارا گلن جهڙا سُنا،
سي لڳن تا بار ماکيءَ کان مِٺا.
سَچ صداقت سچ مُحبت ٻارڙؤ،
مينهن رحمت جا سَچارن تي وُٺا.
سَچ سدا سَرهو جڳت ۾ تو رهي،
ڪُوڙ وارا تا هميشہ تين ڏِٺا.
دوڙ، ڪينو ۽ ڪُپت وارا ڪِنا،
روز مائٽ تا ڪُٽن تن جا پُٺا.
ڪُوڙ جي مُنهن ۾ وڌي آ ڌوڙ جَن،
وڻ گُناهن جا اُنهن پاڙؤن ڪُٺا.
سچ تي بينو نچ يلي **عارف** سَدا،
سچ ڪري ڪردار ماڻهو جا سُٺا.

## فوٽ پاٿ تي ويٺل ٻار

هن جي اکين ۾ لُڙڪ هزار،
روئي، وينو زارو زار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.
چهرو مرجهايل گُل جهڙو،
ڪونہ اٿس ڪو بُت تي ڪپڙو،
جيون جنهن جي لئہ آزار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.
هر ڪنهن آڏو هَٿ ٽنگي ٿو،
پيٽ ڀرڻ لئہ ڪُجهہ مَنگي ٿو،
ڪيڏو بيوس ۽ لاچار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.
ايندڙ ويندڙ ڏي واجهائي،
آلا نيڻ ڪٽي ٿو ٻاڏائي،
هِن سان ڪنهن جو ناهي پيار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.
واه واه غربت تنهنجا رنگ،
پلپل پيڙا ڏک ۽ ڏنگ،
هن جو جيئڻ آهي آزار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.
ڪيڏو انسانن جو ميلو،
**عارف** هُو ويچارو اڪيلو،
ساري دنيا ڪان ڇڻ ڌار،
فوٽ پاٿ تي وينل ٻار.

## خوش رهن ٻالڪ سَدا

سُونهن آهن سِنڌ جي سنڌ جا هي ٻارڙا،
سانورا ۽ ٽا وَٽن پُورا توڙي ڪارڙا.
اُپ متي تارا جيئن، ڌرتي تي هي گل لڳن،
دل اکين جو ٺار هي ساهه کي ڏاڍا وَٽن.
هي ڏسڻ ۾ ٽا اچن، سُهڻا سُهڻا چنڊ جان،
ماکي مصري کان مِٺا، هي مِٺا وَڌ کنڊ کان.
رنگ توڙي روپ ۾، هي گلن کان ٻي وڌيڪ،
پوپٽن جا رنگ جيئن جيئن اندلٺ جي ڪا ليڪ.
پنهنجي ٻولي آ مِٺي، ديس پنهنجو آ مِٺو،
ٽوپي اجرڪ پڳ سَندو ويسَ پنهنجو آ سُٺو.
منهنجي **عارف** آ دُعا، ننڍڙا وڏڙا ديس جا،
خوش رهن ٻالڪ سدا خوش رهن ٻالڪ سَدا.

## سيءُ

سرديءَ جي پُهتي،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.
ٿڌڙي موسم برف جان،
مَٿان واءُ گُهلي،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.
ڄاڻُو پارو هيل تو،
گهر گهر مَنجهه پَوي،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.
ڦاٽل ڪپڙن ۾ ڍَڪيل،
ڪڇ ۾ هَٿ ڪري،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.
سَج نڪرڻ جي آسري،
ويٺا ٻاهر ڪي،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.
رليون پُراڻيون رات جو،
ٽا ويڙهي سيڙهي،
ٽڙڪن سيءَ ۾ ٻارڙا.

# ڪبوتر

منهنجو سُهڻو سارو ڪبوتر،
ڪيڏو جيءُ جيارو ڪبوتر.
اڇو رنگ هن جي پرن جو،
پکين ۾ نِيارو ڪبوتر.
ان ۽ پستہ بادام کائي،
ڏسو ياڳ وارو ڪبوتر.
ماڻهن شرط تي جو اُڏاريو،
رُنو آ ويچارو ڪبوتر.
سُئو شرط ڪم ناهي ڀارو،
پِني دل ۾ پيارو ڪبوتر.
سيئي آسماني چون تا،
اُڏي تو مُون وارو ڪبوتر.
اُڏامي جڏهن اُپ ڏي **عارف**،
لڳي چڙ تہ تارو ڪبوتر.



## شيءِ

جُوا خراب شيءِ آ،
سُني ڪتاب شيءِ آ.
نماز ڪر پلو آ،
ڪني شراب شيءِ آ.
پڙهڻ لکڻ جي عادت،
هي لاجواب شيءِ آ.
هنر سکڻ چڱو آ،
جو ڪامياب شيءِ آ.
رُلڻ پنڻ ڇڏي ڏيو،
اها خراب شيءِ آ.
نہ وڊيو گيم کيڏو،
اها عذابِ شيءِ آ.
پُڇو خليل **عارف**،
مُنجهو نہ، ڪا بہ شيءِ آ.



## ٻڪري

مُون هڪ ٻڪري ڌاري آهي،
جيڪا مون کي پياري آهي.
جنهن کي مان چاريندو آهيان،
ٿاري لاهي ڏيندو آهيان.
ڳاڙهي ناسي رنگ جي آهي،
اَنَ سان گڏ ٿي گاهه به کائي.
هن جو خيال به رکندو آهيان،
کير به هن جو پيئندو آهيان.
هن کي آهي ڇيلي ڇيلو،
جن سان منهنجو آهي ميلو.
ٻي ٻي جي ٻيڪار ٻُڌان ٿو،
ڊوڙي هِن جي جاچ ڪيان ٿو.
مون کي ڏسي خوش ٿيندي آهي،
منهنجي دل به ٺرندي آهي.
**عارف** ٻڪري سُهڻي آهي،
سُهڻي ۽ مَن مُهڻي آهي.



## روشني

علم هڪڙي روشني آ،
علم روشن زندگي آ.
آ جهالت، درد ۽ غم،
علم سان ئي هر خوشي آ.
سونُ چاندي هيرا موتي،
علم سي ڪان قيمتي آ.
علم سيڪاري سُنا ڪم،
علم رَب جي بندگي آ.
علم سان آ سَمجهه وڌندي،
علم جي عِزّت وڏي آ.
علم سان عظمت وَڌي ٿي،
ڳالهه هي سَچي پَڪي آ.
علم دولت اهڙي آهي،
خرچ ڪر ته به سا وڌي آ.
علم **عارف** آ تڏهن اڄ،
علم لئه ڪئي شاعري آ.



## سائِنس

سائنس تنهنجا لک احسان،
سُک ۾ آهي جڳ جَهان.
ريڊيو، ٽي وي ٽيپ ۽ سي ڊي،
ڪمپيوٽر ۽ ڏس ڊي وي ڊي.
وڊيو گيم ۽ وي سي آر،
سڀ جا درشن ڏارو ڏار.
بلب، پکا، راڊُون ۽ اي،سي،
ڪم جي آهي هڪ واٽر پيي.
هيٽر، ميٽر ۽ ڪيلڪيوليٽر،
بَسُون، ڪارون ۽ اسڪوٽر.
پاڻي جا موٽر ۽ نلڪا،
اسٽيپلائيزر جا تحفا.
واٽر ڪُولَر، فِرج ۽ بيٽريون،
انجڻيون توڙي چرخيون، چڪريون.
ايڪو، ڊيڪ لائوڊ اسپيڪر،
رانديڪا چابي تي هلندڙ.
فوٽو، مووي جي ڪئميرا،
هوائي جهاز بحري بيڙا.
ٽيليفون، موبائيل،
طرحين گاڏيون تن جا وِيل.
پرت سلائي واري مشين،
واچُون ۽ بيون شيون رنگين.
روبوٽ ۽ راڪيٽ نرالا،
**عارف** ونجن کهڙا نالا.
مِحنت وارا سائنس دان،
سچ پچ آهن مڙس منجهان.

## پاڻي جِي پري- مَڇي

مون ڪي مڇي وڻندي آهي،
ڏاڍي سُٺي لڳندي آهي.
هي پاڻي ۾ رهندي آهي،
پاڻي اندر ترندي آهي.
پاڻي ۾ پئي گُهمندي آهي،
ساهہ ڪلين سان ڪڍندي آهي.
هن جي جِسم تي چلر آهن،
جيڪي هَن جا ڇڻ پر آهن.
راڻي پاڻي منجهہ تري آ،
مڇي پاڻي جي تہ پري آ.
هن جا ڪيئي قسم آهن،
جن جا الڳ اسم آهن.
ڪُرڙو ڄرڪو ۽ موراڪو،
وڻندو سڀ کي آهي پَلو.
مڇي سيني قسمين پياري،
جهينگو توڙي آسينگاري.
مڇي جڏهن ڪائيندو آهيان،
پاڻي ڏاڍو پيئندو آهيان.
**عارف** مڇي خوراڪ سُٺي،
دل ۽ جسم جي طاقت پي.



# رانديڪو

بابا رانديڪو آڻي ڏي،
ڏاڏا رانديڪو آڻي ڏي.
رنگ برنگي مَن موهيندڙ،
چاچا رانديڪو آڻي ڏي.
چابيءَ سان ڇُرندڙ پرُندڙ،
ماما رانديڪو آڻي ڏي.
سُهڻو ۽ مَضُبوط هُجي جو،
نانا رانديڪو آڻي ڏي.
**عارف** تون انگل پُورو ڪر،
ڪاڪا رانديڪو آڻي ڏي.



## جوهي

منهنجو "جوهي" ننڍڙو شهر،
ڪيڏو آهي سُنڙو شهر.
ماڻهو هن جا پيارا آهن،
مون کي آهي منڙو شهر.
پل تون ساري سنڌ گهمي آ،
ڪونهي ڪاتي اهڙو شهر.
سنڌ جا آهن شهر هزارين،
تن ۾ آهي هڪڙو شهر.
شيءِ شِڪل ۽ سودي لاءِ ،
ويندو آهيان تڪڙو شهر.
بازارن جا منظر سُهڻا،
**عارف** جَنت جهڙو شهر.

# ٻولي

سنڌي قومي ٻولي آهي،
ڏاڍي سُهڻي سولي آهي.
هن جي آ تاريخ پُراڻي،
هنِ آ ڏاڍي عظمت ماڻي.
هن جا اکر ٻاوَنجاهہ،
جن سان منهنجو آهي چاهہ.
سنڌي سبق پڙهندو آهيان،
صورت خطي لکندو آهيان.
سنڌيءَ ٻولي سکڻي پوندي،
هن جي خدمت ڪرڻي پوندي.
سنڌي ۾ ڳالهايان وينو،
پنهنجي ڳالهہ ٻڌايان وينو.
**عارف** امڙ ڏني آ لولي،
منهنجي آهي منڙي ٻولي.

## سِنڌ

مُون واري تو واري سنڌ،
سُهڻي آهي ساري سنڌ.
پُونءِ پلاري پاڳن واري،
سُونهاري سُونهاري سنڌ.
جَنت کان وڌ جنهن جا جلوا،
کيڏي آهي، پياري سنڌ.
هي ڌرتي پنهنجي جيجل آ،
مِٺڙي ۽ موچاري سنڌ.
محنت وارا عزت وارا،
تنهنجا پورهيت هاري سنڌ.
کيت کڙن تا رنگ رچن تا،
سائي آ چوڌاري سنڌ.
خوشبو سان گڏ سُونهن سَوائي،
**عارف** دل آ ٺاري سنڌ.



## رنگين چوڙيون

چوڙين وارو آيو آهي،
امان مون کي چوڙيون وٺي ڏي.
مَهوش، زرقا ورتيون آهن،
حُسنہ، ڪوثر پاتيون آهن.
حنفي، افشان ڏسڻ وجن پيون،
خيري صغريٰ وٺڻ وڃڻ پيون.
رنگ برنگي ڪائي، واريُون،
چوڙيون ڏاڍيُون آهن پياريون.
امان هڪڙو ڊزن وٺي ڏي،
سُهڻو سُنڙو ڊزن وٺي ڏي.
مان پيي بانهنَ ۾ سينگاريان،
چوڙيون سرتين کي ڏيکاريان.
چوڙين وارا ٻيهه اتي،
امان پئسہ ڪنيو تي اچي.



## سُٺو ٻار

سُٺو ٻار هُوندو ڪري شوق پڙهندو،
لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ اسڪول ويندو.
ڪڏهن ڪُوڙ هن جي چَپن تي نہ ايندو،
سُٺو ٻار سچ کان سوا ڪجهہ نہ چَوندو.
بدن صاف سُٺرو، اَڇا اُجرا ڪپڙا،
هُو ڪائڻ پيئڻ ۾ صفائي بہ رکندو.
صبح شام اڇا ڏند ڏندڻ ساڻ هوندس،
وڏا ننهن جو ٿيندس تہ لاهي ڇڏيندو.
مَڪين واري هر شي وَجي ڪڏ ۾ پئي،
سُٺو ٻار شيءِ يي ڏِڪيل ڪائي وٺندو.
وڏن جو ادب ۽ ننڍن سان مُحبت،
ڪندو نيڪي جا ڪم چڱي چال هَلندو.
سُٺو ٻار **عارف**، سُٺو سڏبو نِت نِت،
بُرائي ڪي ويجهي اچڻ ڪو نہ ڏيندو.



## پُٽ

منهنجو پُٽ آ جوڏو جَوان،
دودو، دولهہ، دريا خان.
مُنهنجو پُٽ آهي شهزور،
مورن ۾ آ سُهڻو مور.
سنڌي ٽوپي اَجرڪ پائي،
شهر گُهمڻ لئہ ويندو آهي.
صُبح سويل اسڪول وڃي ٿو،
شوق ڪري هي پڙهي لکي ٿو.
وَنجهہ وَٽي ۽ ڪوڏي ڪوڏي،
مَلهہ وڙهڻ پڻ راند آ، هِن جي.
اِمتحانن ۾ نمبر کٽندڙ،
هر پيري آ عزت کٽندڙ.
هن جي نيڪي کَن ٿا ٻار،
مِحنت وارو ۽ هُوشيار.
**عارف** اڳتي وڌندو ويندو،
نيڪ تہ آفيسر پڻ ٿيندو.

## ڌرتي

سُهڻي ڌرتي پياري ڌرتي،
منهنجي جيءُ جياري ڌرتي.
قُدرت جي هر نعمت هن ۾،
ڏاڍي پاڪ پلاري ڌرتي.
ماٺهو هن جا موتيءَ داڻا،
دودن جوڌن واري ڌرتي.
خوشبو سان گڏ رنگ ٻه هن ۾،
مٺي هي موچاري ڌرتي.
سنڌي ٻولي قومي ٻولي،
ٻولي آيا جهاري ڌرتي.
کيت کڙن تا رنگ رچن تا،
ڦهلائي مهڪاري ڌرتي.
دنيا جي ساري گولي تي،
سنڌ جي آهي نياري ڌرتي.
**عارف** منهنجي دل کي آهي،
لاتي باغ بهاري ڌرتي.



## بجلي

بجلي آهيان بجلي آهيان،
طاقت واري تجلي آهيان.
مون کي پاڻ تي آهي بانوَر،
مون کي چوندا آهن پاوَر.
سيڪو استعمال ڪري ٿو،
فائدو مون مان خوب وٺي ٿو.
ٽي- وي، ٽيپ توڙي سي ڊي،
مون سان ٿيندا آهن ريڊي.
اي- سي سان گڏ فرج هلايان،
ڪيڏو ٿي مان سُک پُهچايان.
ائيرڪولر سان دل ٺاريان،
سردي ۾ ٿي هيٽر ٻاريان.
مون سان هلن ٿا ڏس روزانا،
ملون، فيڪٽريون ۽ ڪارخانا.
هائو جڏهن لوڊ شيڊنگ ٿئي ٿي،
ساري دنيا تنگ ٿئي ٿي.
منهنجي بند ٿيڻ سان سارا،
ڪر رُڪجن ٿا دنيا وارا.
پاڻي، تيل سان ٺهندي آهيان،
ڪوئلي مان ملندي آهيان.
ٻارو منهنجي اهميت آهي،
سچ پچ هڪڙي حيثيت آهي.
**عارف** منهنجي ان سان آ دِل،
جيڪو پَريندو منهنجو آ بِل.

## ڊالٽن

ننڍڙا منڙا ٻارو،
هڪڙي ڳالھ ٻُڌو.
ڳالھ آ سائنس دان جي،
هڪ ڏاهي انسان جي.
ڊالٽن جنهن جو نالو هو،
شهر ايگلفيلڊ ۾ پيدا ٿيو.

اهو شهر آ اِنگلستان جو،
جت گهر هو هن جَوان جو.
اها سيپٽمبر جي ڳالھ آ،
1766ع جو سال آ.
جيڪو مادي جو زرڙو،
تقسيم نہ پئي ٿي سگهيو.
تنهن مادي جو حوالو ڏنو،
هن اُن کي ائٽم نالو ڏنو.
ٻولي هن جي انگريزي هئي،
ڪيس لاطيني ايندي هئي.
هو يوناني بہ ڄاڻندو هو،
ٽئي ٻوليون ڳالهائيندو هو.
علم ڪيميا سان دلچسپي،
علم موسميات سان پڻ.

موسم جا هوندا هئس تجربا،
بہ لک هن لکيا مُشا هِدا.
جذوي دٻاءُ جو نظريو،
توڙي جوهري نظريو.
ڊالٽن ئي هو پيش ڪيو،
شادي نہ هن ڪئي ٻارو.
موت ڪانپوءِ هن جو مُنهن هيو،
چاليهہ هزار ماڻهن ڏٺو.
1844ع ۾ هن جي وفات،
ياد رهندي هن جي ذات.



# لاٽُون

منهنجو رنگ رنگيلو لاٽوُن،
ڳاڙهو، نيرو، پيلو لاٽُون.
هن لاءِ مون هِڪ ڏور وَتي آ،
پُچڙين ۾ جنهن کي ڳنڍ ٻڌي آ.
منهنجو لاٽوُن ڦرٽو آهي،
وڏي دم سان ٻُرٽو آهي.
زور ڪري هن کي اڇلايان،
گهڙي گهڙي هن کي ڦيرايان.
هن کي هٿ تي کڻندو آهيان،
ڏاڍو مزو وٺندو آهيان.
ٻالڪ هِن کي ڏسندا آهن،
سُهڻو آهي چوندا آهن.
**عارف** لاٽوُن پيارو آهي،
ٿيندو هي سوپارو آهي.



## ٻارن جو عالمي ڏينهن

آئي آهي ويهين نومبر،
ٻارن جو آ ڏينهن برابر.
پيارا ٻارو جُهمريون پايو،
گيت خوشي جا گڏجي ڳايو.
اڄ تيندي ٻارن جي ڳالهه،
ٻارن جي حقن جي ڳالهه.
ٻارن جا حق تين تسليم،
کائڻ، پائڻ ۽ تعليم.
پيار مُحبت ٻارن جو حق،
سُک سَهُولت ٻارن جو حق.
مُستقبل جا هي معمار،
ٻارن جي پئي لهجي سار.
ٻارن کان نہ پورهيو وَٺجي،
لکڻ پرهڻ لئہ تن کي چڏجي.
ٻارن کي نہ ماري کوئي،
ٻارن کي نہ کاري کوئي.
رنگ نسل جو فرق ہِنہ رکجي،
سَڀني کي هک اک سان ڏسجي.
گهر ۽ شهر جي رونق آهن،
سُونهن وِرونهن بہ ٻالک آهن.
ڌرتي جا هي گُل ۽ تارا،
ديس جي تيندا خدمت وارا.
**عارف** ٻارن جو آ ڏينهن،
مُرکن جا وسن چوڏاري مِينهن.

## اخبار

روزانو ڇپجي اخبار،
روزانو پڙهجي اخبار.
صبح سويري ايندي آهي،
خبرون چارون ڏيندي آهي.
هن ۾ حق سچ جون تحريرون،
رنگ برنگي ڪي تصويرون.
هن ۾ ڪالم هن ۾ فيچر،
اسٽوريون ۽ جڳ جا منظر.
اخبار جيڪو پڙهندو آهي،
ٻالڪ مون کي وڻندو آهي.
هن سان جيءُ لڳايو ٻارو،
پنهنجي ڄاڻ وڌايو ٻارو.
**عارف** هن ۾ سَماچار،
پڙهه مستقبل جا معمار.





## استاد بُخاري

هڪڙو هو استاد بُخاري،
صورت سيرت شخصيت پياري.
علم ادب ۾ ماهر سنڌ جو،
نالي وارو شاعر سنڌ جو.
دادو شهر جو رهواسي هو،
سنڌ جي ڪندو عڪاسي هو.
گلڙن جهڙا گيت لکيائين،
موتئي وانگر مهڪ ڏنائين.

هن جا شعر روشن تارا،
سهڻا پيارا جرڪي وارا.
شعر لکيائين هر موضُوع تي،
سنڌ، سچ، سُونهن ۽ خوشبوءِ تي.
هن گيت لکيا معمارن جا،
ڪي ”گيت گلابي ٻارن جا.“
ٻارن سان هن جو پيار هيو،
لهندو ٻارن جي سار هيو.
استاد جو جيڏو نانءُ هُيو،
تيڏي ٻارن لاءِ چانءُ هيو.
هن ڪئي محنت وندي محبت،
هن جي وڏي آهي خدمت.
ڌرتي لئہ حُب رکندو هو،
محنت جي لئہ چوندو هو.
سنڌي ٻولي جو نالو آ،
اڄ پي ان جو رکوالو آ.
هِن ڪوڙ ڪتاب لکيا آهن،
جن مان ڪيئي تہ ڇَپيا آهن.
استاد بخاريءَ فرمايو،
علم پرايو عزت پايو.
پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي لئہ،
سنڌو جي چولي چولي لئہ.
هن جي نصيحت مِٺي پوندي،
اڻ ٽڪ محنت ڪرڻي پوندي.
استاد بخاري زنده باد،
**عارف** نِت نِت رهندو ياد.

## ڪم واري شيءِ

ڏسڻ ۾ ٽي وي وانگر آهي،
ها پر ٻارو ٽي- وي ناهي.
هن کي چئبو آ ڪمپيوٽر،
جنهن کي هڪڙو آ مانيٽر.
مائوسُ ۽ کي بورڊ پيو ڏس،
ڪاهڻ واري کي آهي جَس.
انگ اکر ڪمپوز ڪري تو،
موڪلي اي ميل پري تو.
سنڌي اردو ۽ انگريزي،
ڪمپيوٽر جي اندر ٻولي.
جلدي ڪم ٿئي، نه ٿئي ليٽ،
هن تي هلي ٿي انٽر نيٽ.
هن ۾ ڊِسڪ به پوندي آهي،
جيڪا ڄاڻ به ڏيندي آهي.
هن سان تو پرنٽر گڏجي،
جنهن مان مواد ڇپجي نڪري.
ٺڪ ٿئي ته راند ڪرائي،
ڪيڏي تو هي دل وندرائي.
گانا ۽ فِلمون ڏيکاري،
علم وڏائي فن سيکاري.
ڪمپيوٽر ۾ کي تحريرون،
رنگبرنگي کي تصويرون.
سائنس ناهي پياري شيءِ آ،
ڪمپيوٽر ڪم واري شيءِ آ.

## خوشبو

سُهڻي خوشبو، سُنڙي خوشبو،
مُنهنجي آهي منڙي خوشبو.
خوشبو ڪاڻ جي شوقين،
خوشبو پاڻ جي شوقين.
خوشبو ڇوڪر ننڍڙي آهي،
ڇڻ سيلن تي ڳُڏڙي آهي.
خوشبو گُهمي جيڏي ڪيڏي،
خوشبو ٻارن سان تي ڪيڏي.
خوشبو جوهر انگل مجبو،
هن جو سارو خيال ٻہ رکبو.
خوشبو شوق ڪري پڙهندي آ،
اکرن کي ناهي لکندي آ.
خوشبو سيني کي پياري آ،
ڳوٺ سڄي ۾ موچاري آ.
خوشبو چوڙيون ويني پائي،
خوش تي ٻانهن کي ڇڻڪائي.
خوشبو تو کي ڏسندو آهي،
**عارف** ڏاڍو نرندو آهي.

## ڀِوريون ٻار

نَنڍڙي نَنڍڙي نينگر آهيان،
آءٌ هڪڙي ڇوڪر آهيان.
گھر جو آهيان ڀوريون ٻار،
مون سان سڀ ڪنهن جو آ پيار.
مون کي ڏسندي سڀ خوش ٿين ٿا،
گھر جا ڀاتي گھور وڃن ٿا.
مون کي پُٽُ وانگر سمجهن ٿا،
سچ پچ ڏاڏو سڀ ڀائن ٿا.
توڙي آهيان هڪڙي آءٌ،
منهنجا آهن ٽي،ٽي ناٺُ.
ڏاڏو صغريٰ چوندو آهي،
بابو مومل چوندو آهي.
امان سسئي چوندي آهي،
هر پل دُعا ڏيندي آهي.
**عارف** نَنڍڙي آهيان بيشڪ،
گھر سڄي جي آهيان رونق.



# ڪتاب

پارو جيئن سُني آ خوشبو گلاب جي،
ائين دوستي سني ۽ سهڻي ڪتاب جي.
کهڙيون ڳٽي ڳٽيان مان خوبيون نصاب جون،
مون کي پسند آهن ڳالهيون ڪتاب جون.
کهڙو ڪتاب پي پڙهه تي روشني ملي،
اڳتي وڌڻ هلڻ جي چڻ تي ڳلي ملي.
ڪنهن ۾ آ شاعري ۽ ڪنهن ۾ نثر لکيل،
هر هڪ ڪتاب ۾ آهن ڪم جا اکر لکيل.
ڪٿ گيت ۽ ڪهاڻيون، ڪٿ چاڻ تي مِلي،
جت ڪت ڪتاب جي پئي واڪاڻ تي هَلي.
پيارا رکو ڪتابن سان دوستي سيئي،
حاصل ڪري صلاحيت ماڻيو خوشي سيئي.
سنگت ڪتاب سان تي جنهن جي به تي وجي،
پارو اهو تو جڳ ۾ منزل رَسي وجي.
رکجي **خليل عارف** چاهت ڪتاب سان،
ملندي جهانَ ۾ آ عزت ڪتاب سان.



## توانائي

روز پيا تا ٻُڌون توانائي،
آءُ سمجهي وَٺون توانائي.
هَن جي هر ڪم ۾ تي ضرورت پئي،
هن ڪي شيءِ سيکو فائدي جي ڇَئي.
مسئلا زندگي جا هن سان حَل،
ڪم سوا ھِن جي تي پون مُشڪل.
زور ڇُر پُر ڪٽڻ هلڻ لاءِ،
هر ضرورت ۾ ڪم اچڻ لاءِ.
ٿن نمونن جي هي ٻُڌي آهي،
گرمي، آواز، روشني آهي.
ڪوئلو، تيل قدرتي گئسون،
باھ، بجلي، هيٽر ڏين گرميون.
سج وڏو روشني جو ذريعو آ،
گرمي پڻ سج جڳ کي ڏيندو آ.
ٻارو آواز ٻيي توانائي،
ڪڙڪو ۽ ساز ٻيي توانائي.
ڪو پکي ٻولي يا ڪو ڳالهائي،
هي توانائي جو قسم آهي.
شيءِ ڪم جي وڏي توانائي،
ربّ سائين ڏني توانائي.
هر قسم ڪم اچي توانائي،
رنگ ڪيڏا رچي توانائي.
قدر هن جو **خليل عارف** ڪَر،
سمجهه هن کي ٻه ڏن دولت زَر.